نظير احمد ڪوڪر

# جانورن جي نالن جو سماجي لسانياتي اڀياس ۽
# سنڌيءَ ۾ جانورن جا نالا

***Abstract***

**SOCIOLINGUISTIC STUDY OF ANIMAL NAMES IN SINDHI**

*Animal names, animal sounds, sound words and symbols related to animals are the main part of sociolinguistics study. Because the animals were present every where in the world, the people used them not only for traveling and transportation but they were used as a part of food, they helped the man ploughing the fields. There were many similarities among them like biological similarities such as body structure and food chains. The relation of man with animals was of the same kind every where. Therefore animal sound, behavior, activities and animal names are important items of linguistic discussion.*

*Linguists are of the opinion that animal names especially tamed and domesticated animals were named in hunting and agricultural age. At the early step of journey towards the civilization economy was concerned with animals so the animals were given names according to their several activities, conditions and characteristics. The names of the things and animals often remain same grammatically and dialectically in comparison with the change in other words. There is hardly any change in the names of animals because during the different evolutionary periods animals were no more than animals. We see the Sociolinguistic background of animal names as follows:*

***<u>Names with relation to other animals:</u>*** *Some animals or birds are given names with relation to some qualities or resemblance with other animals. 'Flying fox' is a name of a bat because it looks like a fox, the 'dog fly'- for the reason that acertain fly sits habitually on a dog and this way a famous Australian snake is called 'tiger snake'.*

***<u>Imaginary or mythological names:</u>*** *Dinosaurs is a Greek*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*word, made of two words Deino (fearful) and Saurs (Lizard). This and the 'Birds of Paradise' are some examples of imaginary or mythological names*

***Names according to body structure:*** *An Ostrich is called Uth Pakhee (Bird like camel) in Sindhi and Shiter Murgh in Persian because The legs and the neck of Ostrich are like the legs and neck of a camel.*

***With relation to environmental and geographical background:*** *Rock –snake, Rock-pigeon, Sea-lion, Coastal-turtle, Water-deer are few examples of animal names with relation to environmental and geographical background*

***With relation and co exchange to other languages:*** *Buffalo is called 'Gaoomash' in Persian. Gaoomash means a big Cow in Persian because the origin of the word Mesh is 'Mahesha' or 'Maha' in Sanskrit. 'Maha' means Big.*

***Sound based names:*** *Quall is called Cuckoo in English The names of enchoo and crow are given on the style of their sounds.*

***Pet names:*** *Domestic animals are given pet names in all the societies and languages of world. For example Moggy-Moggy is a favorite name of a Cow in English. Countless examples can be given of pet names in Sindhi and other languages of Pakistan.*

***Scientific names:*** *Pavo cristatus is scientific name of peacock. Scientific and biological names of the animals are different from common names.*

*Some of the animals have also been given the names after the names of the people who discovered them first time and other grounds, classification of the animal names is the subject of sociolinguistics.*

***Plenty of animal names:*** *Foal, Stead, Cob, Colt, Filly and etc are other names of horse. A dog is called for more than 15 other names in the same way as the pig has a large number of its names. The number of animal names in Arabic is more than the other languages of the world so is also the case with Sindhi. The question of abundance of animal names is also associated with circumstances and importance of animals in a society. Singular, plural, masculine and feminine gender of animal names is a piece of discussion reviewed through sociolinguistics.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ٻولين** جي تاريخي ، جاگرافيائي ۽ سماجياتي ڇاڻ،ٻولين جو تعلق ۽ اصل نسل ڇاڻڻ لاءِ جانورن جا نالا ۽ انهن جا آواز يا آوازي لفظ ۽ جانورن سان لاڳاپيل علامتون، ٻوليءَ بابت ٿيندڙ هر قسم جي تحقيق جو اهم حصو آهن، ڇو ته جانور هرهنڌ موجود هئا. انهن سان هر قوم ۽ نسل جي ماڻهن جو واهپو هو. ماڻهو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پئي آيا ۽ ويا،اچڻ وڃڻ لاءِ سواري ۽ باربرداري طور جانور ئي ڪتب ٿي آيا. ڪم ڪار ۾ جانور انهن جا ساٿي هئا. جانورماڻهن جي خوراڪ جو اهم حصو هئا،جانورن ۽ انسانن جي خوراڪ جا ڪيترا معاملا هڪجهڙا هئا، ان ڪري اهو لازمي امر آهي ته جانورن سان ماڻهن جو واهپو هر هنڌ گهڻو ڪري هڪ جهڙو هوندو، ان ڪري ٻوليءَ ۾ جانورن جي آوازن ڪان سواءِ جانورن جي نالن جي حوالي سان هيٺيان نڪتا لسانياتي بحث جو اهم حصو آهن.

شين توڙي جانورن جا نالا مقرر ڪرڻ جي حوالي سان محمد هادي حسين، هردر جي راءِ ڪي سامهون رکي ٻڌايو آهي ته ”جڏهن انسان غور فڪر جي مرحلي تي پهتو،جيڪا سندس نمايان خوبي آهي،۽ جڏهن ان غور فڪر ۾ آزادي پيدا ٿي وئي ته ان ٻولي ايجاد ڪئي. ان مان معلوم ٿيو ته، غور فڪر جي نتيجي ۾ انسان ڪي شين جون وصفون يا خاصيتون معلوم ٿيون ۽ ان بعد هو شين جا نالا رکڻ جي قابل ٿيو.“ (1984: 19) جانورن جي نالن متعلق ماهرن جي اها به راءِ آهي ته جانورن،خصوصاً پاليل جانورن جا گهڻا تڻا نالا زرعي دور ۾ رکيا ويا. ”خانه بدوش سماج جي معيشت،ڍور ڍڳا، گاهه پٺو،پاڻي پرجهه جي چوگرد ڦرندي آهي. انهن جي ٻوليءَ ۾ مادي شين جي دليل وارا جملا وڌيڪ هوندا آهن، تجريديت گهٽ هوندي آهي، زرعي معيشت جا پنهنجا طور طريقا ٿين ٿا.جاگيرداري ۽ صنعتي نظامن جو فرق ٻولين ۾ به ظاهر ٿئي ٿو. تهذيبي سفر جي شروعاتي مرحلي ۾ معيشت جانورن سان وابسته هئي، ان ڪري جانورن جي ڪيفيتن ۽ حالتن مطابق انهن جا ڪيترائي نالا رکيا ويندا هئا. انهن سان لاڳو سيني شين جي ڪانه ڪا اهميت هوندي هئي.“ (خليل صديقي، 85)

هر شيءِ ۾ تبديليءَ جو اصول ٻوليءَ سان به لاڳو آهي. لفظ تبديل ٿين ٿا، مرن به ٿا ته نوان به پيدا ٿين ٿا. لفظن جون معنائون به بدلجنديون رهن ٿيون. لفظن جا گهاڙيتا ۽ اچار بدلجن ٿا.صوتي تبديلن مان گذري لفظ ٻيو روپ اختيار ڪن ٿا. اهڙو اثر جانورن سان لاڳاپيل لفظن ۽ نالن تي به ٿيو هوندو، پر بنهه گهٽ. جانور ايترو قديم



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهن جيترو خود انسان يا سندس ٻوليون، ان ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ اندر ٻين لفظن جي مقابلي ۾ شين يا جانورن جا نالا  نالن جي وياڪرڻي صورت  ۾ لهجي جي ڦير ڦار واري حالت ۾ بہ گهٽو ڪري ساڳئي روپ ۾ رهن ٿا. جانورن جي نالن ۾ ايتري گهٽي ڦير ڦار ان ڪري بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي، جو ارتقا جي مختلف تبديلين دوران جانور فقط جانور ئي رهيا آهن. انهن ۾ ڪاخاص تبديلي ڪانہ آئي آهي، تيئن ٻولين ۾ رائج انهن جي نالن ۾ بہ ڪا خاص تبديلي ڪانہ آئي آهي. ساڳيءَ طرح جانورن متعلق انساني تجربن جي بنياد تي قائم ڪيل تصور بہ گهٽو ڪري ساڳيا ئي رهندا اچن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ گدڙ کي هزارين سالن کان گدڙ ئي سڏيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح جانورن جون خصلتون يا صفتون ۾ سلوڪ  بہ هزارن سالن کان ساڳيا آهن. جانورن سان لاڳاپيل صفت وارن لفظن ۾ بہ تبديلي گهٽ آئي هوندي، ان ڪري چئبو تہ ٻوليءَ جي اسمن يا نالن ۾ جانورن جا نالا ۽ صفتن ۾ جانورن سان لاڳاپيل صفتون ٻين اسمن ۽ صفتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ قديم آهن. انهن جي قدامت تي شڪ ڪري نٿو سگهجي. تاريخي لحاظ کان نالا، واقعن (Events) کان مختلف آهن ڇو تہ واقعو پنهنجي وجود لاءِ لکڻ واري جي بيان،تحرير جي صلاحيت،قوت ۽ سچائيءَ جو محتاج آهي، پر نالو اهڙيءَ ڪنهن بہ شيءِ جو محتاج نہ آهي، ان ڪري نالا، تاريخ ۾ لور يا ”هٽ چراند“کان محفوظ رهيا آهن. (ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو،1978ع: 104) عام طور ٻولين ۾ جانورن جي نالن جي لساني بناوت جا هيٺيان نمونا آهن:

## 1. ٻين جانورن جي نسبت وارا نالا:

ڪن جانورن ۽ پکين ۾ ٻين جانورن جهڙا گڻ هجڻ ڪري انهن تي ٻين جانورن سان  نسبتي نالا رکيل نظر اچن ٿا. جيئن ’اڏامندڙ لومڙ‘  (Flying Fox)چمڙي  جي هڪ قسم جو نالو آهي، ڇوتہ ان جي شڪل لومڙ جهڙي ٿئي ٿي. ’ڪتي مک‘  (Dog Fly)، آسٽريليا جو مشهور ’شينهن نانگ‘ ( (Tiger-snake۽ ’اٺ پکي‘ اهڙيءَ نسبت وارا نالا آهن. رڍ وانگر بدن تي گهٽا وارَ هجڻ ڪري اتر آمرڪا ۾ گهٽن وارن واري اٺ کي ’رڍ جهڙو اٺ‘ سڏيو ويندو آهي. ڪن جانورن جا ٻين جانورن جي نالن سان نسبت وارا نالا هجڻ جا اهي چند مثال آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 2. سرگرمين، عادتن يا خاصيتن جي بنياد تي:

جيئن اٺ، رڍون، ٻڪريون وغيره جن کي سنڌيءَ ۾ مال چئجي ٿو، تن کي عربيءَ ۾ 'الفاشية' بہ چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'منتشر ٿيڻ وارا'، ڇو تہ اهي جهنگلن ۽ ميدانن ۾ ڦرندا رهن ٿا. اهڙيءَ طرح 'آفتاب پرست'، جنهن کي عربيءَ ۾ 'حربا' ۽ اردوءَ ۾ 'گرگٽ' ٿا چون، اهو گهٽو ڪري سج ڏي نهاريندو رهي ٿو ۽ ان جي شعاعن ۾ رنگ بدلائي ٿو، ان ڪري اهڙو نالو پيو اٿس. ڪير ڏيندڙ، زرعي ڪاروهنوار، سواريءَ ۽ باربرداريءَ جي حوالي سان ڪم ايندڙ جانورن جهڙوڪ: اٺ، گهوڙو، ڍڳو، ڳئون ۽ مينهن وغيره جا، انهن جي سرگرمين ۽ خاصيتن جي بنياد تي صفاتي نالا پڻ رکيا ويا آهن، جن جو تفصيل ٻئي ڀاڱي جي باب پهرئين ۾ ڏنو ويو آهي.

## 3. تصوراتي يا ڏندڪٿائي نالا:

نالن جي پيدا ٿيڻ، بقا ۽ جٽاءَ جو تعلق شين جي وجود ۽ جٽاءَ سان آهي. نالا شين جي بنيادي تصور (Basic Concept)سان بہ تعلق رکن ٿا. ڪن جانورن تي ماڻهن جي شروعاتي قائم ڪيل تصورن وارا نالا پڻ رکيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. 'ڊائنوسار' يوناني ٻوليءَ جي ٻن لفظن Deino(خوفناڪ) ۽ Saurs(ڪرڙي) مان ٺهيو آهي. انهيءَ قسم جا جانور 90 فوٽ ڊگها ۽ 5 هزار مڻ وزني هئا. 'سُر' هند آريائي زبانن جو مادو آهي جيڪو 'هلڻ' جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. 'اپسرا' لفظ ۾ 'سر' جو مادو بہ هلڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. يعني اها ديوي جيڪا پاڻيءَ تي هلي ٿي. 'پري' جو مطلب آهي آزاد. ٻيو مطلب آهي، محبوب يعني جيڪو آزاد آهي اهو ئي محبوب آهي. پيار جي قابل آهي. پريا ۽ پيار بہ ان سان ئي واسطو رکن ٿا. (خالد احمد، 2004: 28 ۽ 269) 'پوت' سنسڪرت جي مادي 'پو' مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'ٺي وڃڻ'، 'بنجي وڃڻ'، چون ٿا خودڪشي ڪندڙ يا قتل ٿيندڙ جو روح خبيث ٿي وڃي ٿو. (سيد علي عباس جلالپوري، 2000ع: 67)

ڳئون ۽ ڌرتي ماتا جي ڳنڍيل تصور جو پسمنظر اهو ٿو بيان ڪيو وڃي تہ سنسڪرت ۾ 'گو' يا 'گاؤ' جيڪو هندن جو مقدس جانور آهي، اردوءَ ۾ ان کي 'گائي' ۽ سنڌيءَ ۾ 'ڳئون' چئجي ٿو. ان جو اصل مادو 'پو' (ڌرتي) آهي. ان کان علاوه سنسڪرت ۾ 'گو' جو مطلب ڌرتي بہ آهي. ميڪس مولر 'گندم' جو مطلب ڌرتي (گو) مان نڪرندڙ 'پچ' (دونهون) ٻڌايو هو. 'گندم' سنسڪرت 'گوڌم' آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميڪس مولر جو چوڻ آهي تہ: ”ڌرتيءَ تي ڪٽڪ جو فصل اهڙو ڏيک ڏئي ٿو ڄڻ ڪو دونهون هوا ۾ بلند ٿي رهيو هجي.“ فارسيءَ ۾ ’گي‘ جو تعلق ڌرتيءَ سان آهي. ’گائي‘ کي فارسيءَ ۾ ’گاؤ‘ لکيو وڃي ٿو. انگريزيءَ ۾ ان کي ڪاؤ (COW) چئجي ٿو، جيڪو ’گاؤ‘ جي گهٽو ويجهو آهي، ان بابت خالداحمد (2004) جو چوڻ آهي تہ ’يو‘ جو مادو يونانيءَ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. يوناني ۾ ’يو‘ کي ’گي‘ (ge) چون ۽ لکن ٿا. انگريزي لفظ جاگرافي ان مان نهيو آهي. جان آئينو جو چوڻ آهي تہ: ”هي لفظ هند يورپي ٻولين جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ جو آهي. هي فارسيءَ جي لفظ گيتي سان بہ ملي ٿو. يوناني ديومالا ۾ ڌرتيءَ کي gaea جو نالو ڏنو ويو، جيڪو اڳتي هلي ’گائي‘ يا ’گاؤ‘ جي آواز يا مطلب لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو.“

سيني ٻولين ۾ ڪن پکين ۽ جانورن جا نالا انهن سماجن ۾ رائج عقيدن ۽ تصورن جي بنياد تي عجيب غريب تصورن وارا ٿين ٿا. جنت جا پکي (Birds of Paradise)، ان جو هڪ مثال آهي. نيو گني ۽ اوپر آسٽريليا جي انهن پکين جا تقريباً 42 قسم آهن. اهي پکي، سيني پکين کان وڌيڪ خوبصورت ٿين ٿا. 1552ع ۾ اسپين جا ملاح دنيا جو سير سفر ڪرڻ لاءِ نڪتا تہ انهن پکين جا خوبصورت کنڀ اسپين ۾ کڻي آيا،جن کي ڏسي اتان جا ماڻهو حيران ٿيا، ۽ انهن سوچيو تہ اهي پکي جنت مان آيا هوندا. ائين انهن کي ’جنت جا پکي‘ سڏيو ويو. ’برفاني رڇ‘ کي سندس پُراسراريت جي ڪري، ’برفاني ماڻهو‘ (yetti)بہ سڏيو وڃي ٿو. سنڌيءَ ۾ ’لاکي ڄاجي‘ پکين جو نالو بہ اهڙو مثال پيش ڪري ٿو.

## 4. جسماني وصفن جي نسبت سان نالا:

گهٽين ئي ٻولين ۾ جانورن جا نالا انهن جي مشهور خاصيتن،انهن جي عضوياتي يا جسماني بناوت مطابق رکيل آهن. مثال: ’اٺ پکي‘(سنڌي) ’شتر مرغ‘ (فارسي) چوتہ ان جون ٽنگون ۽ ڳچي اُٺ جهڙي آهي، جڏهن تہ ڪنين جي ڪري اهو پکي آهي. ’باز‘ يا ’شاهين‘ تي بہ سندس بلند پروازي، طاقت يا رنگن جي ڪري، الڳ الڳ نالا رکيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح ’پتنگ‘ جو اهو قسم جيڪو باھ تي پنهنجي جان جي قرباني ڏئي ٿو، ان کي ’پروانو‘ سڏيو ويو. اهو ان جو اضافي صفتن وارو نالو آهي، جيڪو سندس باھ تي عاشق سمجهيو وڃڻ ڪري پيو آهي. ’کٽمل‘ يعني کٽ جو پهلوان، چو تہ کٽ تي ستلن جو بہ رت چوسيو وڃي. ’مرغ زرين‘ ، ’سرخاب‘ ، ساڳئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پکيءَ جو جدا نالو ساڳئي پسمنظر ۾ آهي. ٻڪريءَ جي هڪ قسم کي 'مارخور' سڏيندا آهن، ڇو تہ ان جا سڱ، نانگ وانگر ور وڪڙ تي آهن، باقي هن جو نانگ سان ڪو تعلق ڪونهي.

لاطينيءَ ٻوليءَ ۾ 'ڪولبرا' (Colbra) ۾، Co معنيٰ 'گڏ' ۽ Lubra معنيٰ 'ترڪڻ'. ڇوتہ 'نانگ'، لسو يا ترڪندڙ آهي، انگريزيءَ ۾ Lubricant (ترڪڻ پيدا ڪندڙ شيءِ) ان مان ورتل ڏسجي ٿو،نانگ لاءِ آريائي لفظ سرپ سنسڪرت سر مادي مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'هلڻ'، اڳتي هلي اردو ۽ هنديءَ وارن 'سرپ' مان 'ر' ڪڍي 'سپ' ڪيو ۽ پوءِ 'سانپ' بنايو ويو. هندستان ۾ نانگ کي 'نانگا' بہ چئجي ٿو، جيڪو هڪ قديم قبيلو بہ هو. انهن جي 'ٽوٽمي' سڄاٽپ نانگ هو. Snake جو انگريزي لفظ Sneak سان مشابهت رکي ٿو، ان جو مطلب 'لڪي ڇپي وڃڻ' آهي. (خالد احمد 2004: 110) اهڙو ئي مثال 'خرگوش' ۽ 'شهباز' جي نالي جو آهي.خر= گڏھ+ گوش = ڪن (جنهن جا ڪن گڏھ جهڙا هجن،سهو)، ۽ شهباز جو مطلب آهي. شھ= شاھ جو مخفف،وڏو + باز = پکيءَ جو نالو.(وڏو باز) وغيره.

## 5. دريافت ڪندڙ جي نسبت سان:

جانورن مان ڪن جا نالا انهن جي دريافت ڪندڙن جي نسبت سان بہ رکيل آهن. 'جيمز ڪڪ' نالي هڪ ماهر، آسٽريليا جي ماڻهن کان جڏهن 'ڪينگرو' جو نالو پڇيو تہ ماڻهن ان جو نالو 'ڪينگرو' ٻڌايو، جنهن جو سندن ٻوليءَ ۾ مطلب هو 'مان نٿو ڄاڻان' ڪن جانورن جا حياتياتي نالا انهن جي دريافت ڪندڙن جي نالن پويان پڻ رکيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

## 6. ماحول، جاگرافي، ملڪ يا ماڳ مڪان سان تعلق جي بنياد تي:

ڪن جانورن جي جنسن جا گڏيل نالا انهن جي جاگرافيائي نسبت سان بہ ورتا ويندا آهن. جيئن 'جابلو ٻڪر'، 'جابلو نانگ' ((Rock- snake، 'پهاڙي ڪبوتر' (Rock-Pigeon)، 'سامونڊي گهوڙو' ((Sea horse، 'سامونڊي شينهن' ((Sea lion، 'جهنگ ڪڪڙ' يا 'جهنگ ٻلو'، 'جهنگلي گڏھ،' 'برفاني رڇ'، 'ساحلي ڪچون'، 'درياهي مڇي'، 'آ بي هرڻ' (Water Deer) چين، ۽ ڪوريا ۾ ٿئي. آبي ڪانو (Water Turkey)، جن جو تعلق Meleagarisخاندان سان آهي. آبي پونرو (Water Beetle)،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’ساموندي شينهن‘ ۽ ’سگ آبي‘ وغيره. ”ريشم جي ڪئين کي ’ڪرمان‘ ٻہ چون ٿا، ڇو تہ سڀ کان اول اهو شهر ڪرمان ۾ مليو هو (علي عباس جلالپوري، 2000ع: 208) ڪن محققن ’قمري پکيءَ‘ کي ’قمر‘ نالي مصر جي هڪ شهر سان منسوب ڄاڻايو آهي. ڪي جانور تہ ساڳيا هئا، پر جيئن تہ اهي مختلف ماحول ۾ رهندڙ هئا، اتان جي ماڻهن پنهنجن تصورن جي بنياد تي نالا ٿي رکيا، ان ڪري انهن جي نالن ۾ فرق اچي وڃڻ ڪري، انهن کي الڳ الڳ جانور ٻہ سمجهيو وڃڻ لڳو. جيئن: ’نهنگ‘ ۽ واڳونءَ کي چون تہ شينهن لاءِ ٻہ چون. اهڙيءَ طرح شينهن لاءِ ٻيو نالو آهي. ’گينور‘. اهو شينهن جو هڪ قسم آهي، ڪي ان کي بنگالي ٻلي ٻہ سڏين. ساڳيو لفظ ’گينور‘ هاٿيءَ لاءِ ٻہ ڪتب آندو ويجي ٿو.

## 7. مختلف ٻولين سان واهپوءِ مٽا سٽا جي بنياد تي:

ڪن جانورن جا نالا مختلف ٻولين جي واهپي سان بدلبا رهيا آهن، يا انهن ۾ بدليل ٻولين جي مزاج مطابق ٿوري گهڻي تبديلي ٿيل نظر اچي ٿي. مثال طور مينهن جي نالي لاءِ خالد احمد جو چوڻ آهي: ”مينهن کي پنجابيءَ ۾ ’ميش‘ ۽ فارسيءَ ۾ ’گاؤ ميش‘ سڏيو ويجي ٿو.“ گاؤ ميش جو مطلب آهي ’وڏي ڳئون‘ ۽ ڇوتہ ’ميش‘ لفظ اصل ۾ ’مهيشا‘ يا ’مها‘ يعني وڏي يا وڏو هو. سنسڪرت ۾ اهو لفظ بادشاهہ جي وڏي راڻي يا ملڪ لاءِ ٻہ استعمال ڪيو ويو. آرين مينهن کي ڳئون جي برابر ڪونہ سمجهيو. انهن مينهن لاءِ نئون لفظ ٺاهڻ بجاءِ مينهن کي وڏي ڳئون ڪوٺيو. ”سنسڪرت ۾ مک کي ’مکشي‘ چئجي ٿو، پراڪرت ۾ مکي، فارسيءَ ۾ ’مگس‘ ۽ هسپانيہ ۾ ’موسڪا‘ (Mosca). گمان آهي تہ انگريزيءَ جو (Mosquito) ٻہ ان مان نڪتو آهي، پر اهو مک بجاءِ مڇر لاءِ استعمال ٿئي ٿو. اسپينيءَ ٻوليءَ ۾ ’مک‘ کي ’موسڪا‘ چئجي ٿو. سنسڪرت لفظ ’متشيا‘ (Matsia) جيڪو پراڪرت ۾ ’مڇلي‘ ۽ ’ماڇي‘ بنيو،فارسيءَ ۾’ ڇ‘ جي جڳهہ ’هہ‘ لڳائي، ’ماهي‘ بنايو ويو. سنسڪرت ۾ ’مڪسيا‘ مان ’مک‘ انهيءَ نموني وجود ۾ آئي. (خالداحمد، 2004ع: 36 ،119 ،248) مڇي لفظ متعلق ڊاڪٽر شرف الدين اصلاحي جو چوڻ آهي تہ، مڇلي اصل ۾ هندي آهي. هنديءَ ۾ ’مڇري‘ ۽ ’مڇريا‘ استعمال ٿئي ٿو.اردوءَ ۾ ’ر‘ ۽ ’ل‘ سان بد لجي ٿي جيڪو اردوءَ ۾ بدلجي مڇلي ٿيو. جڏهن سنڌي ٻنهي حرفن (ر _ ل) کي ڇڏي ڏنو ۽ ساڳئي لفظ کي مڇي ڪري ڇڏيو. (1987ع: 287) گهوڙي جي نالي متعلق پيرومل (



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

1957) جو خيال آهي تہ سيميٽڪ قومن کي بہ گهوڙن جي سُڌ ڪانہ هئي، رڳو گڏهن جي سڌ هين. گهوڙي لاءِ سندن ٻوليءَ ۾ ڪوبہ لفظ ڪونہ هو. تنهنڪري گهوڙي کي سڏڻ لڳا ’يورپي گڏھ‘، گهوڙن لاءِ لفظ ’تازي‘ بہ استعمال ٿيندو آهي. ”ايراني، هر اجنبي کي ’تاجڪ‘ سڏين ٿا. ’تاجڪ‘ جي معنيٰ آهي ’اجنبي‘، انهن وحشي عربن کي بہ ’تازي‘ جي نالي سان سڏيو. اهو نالو گهوڙن لاءِ بہ استعمال ٿيو (خالد احمد، 2004: 268) اٺ کي عربيءَ ۾ ’جمل‘ ۽ انگريزيءَ ۾ ’ ‘Camel’ سڏجي ٿو. انگريزي لفظ Camel سميري لفظ ’جمل‘ مان نڪتو آهي. ’خوڪ‘ فارسيءَ ۾ ’سوئر‘ کي چون ٿا، سنسڪرت ۾ ’شوڪر‘ چون ٿا. سنسڪرت جي ’ر‘ فارسيءَ ۾ اڪثر ختم ٿيو وڃي. ’ڪبوتر‘ فارسي لفظ آهي، سنسڪرت ۾ ’ڪپوت‘ چئجي ٿو. (مولانا محمد حسين آزاد،1990: 88، 93) ’چرخ‘ فارسي لفظ آهي، اهو بدلجي ’کچر‘ ۽ ’چڪر‘ ٿيو آهي. ٻڪريءَ کي فارسيءَ ۾ ’بوز‘ سڏجي ٿو، سنسڪرت ۾ بوج ۽ ’بکري‘ چيو وڃي ٿو. ’مرغا‘ فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’پکي‘ پر اردو يا سنڌيءَ ۾ ’مرغا‘ ڪڪڙ کي چئبو آهي. ڪن ساڳين جانورن يا پکين کي الڳ الڳ جانور يا پکي سمجهڻ جي غلطي هڪ ئي جانور يا پکيءَ جي جدا جداجدا ٻولين جي الڳ الڳ نالن رائج ٿيڻ سبب ٿي آهي. اڪثر ڪري نالن سان لاڳو اهڙي صورتحال کي نہ سمجهڻ جي حالت ۾ لغت دانن ساڳئي جانور کي مختلف نالن سان مختلف جانور ڪري ڄاڻايو آهي. ان سبب جي ڪري مختلف ٻولين جون لغتون جانورن بابت لفظن ۽ اصطلاحن جي غلطين جو شڪار آهن.جيئن سنڌي لغت دانن ’آتش زن‘، ’آتش خوار‘، ’آتش افروز‘، ’عنقا‘، ’سيمرغ‘، ’ققنس‘ ۽ ’گرڙ پکيءَ‘ کي ڪن هنڌن تي جدا پکي ڪري ڄاڻايو آهي، پر حقيقت ۾ اهي ساڳئي پکيءَ جا جدا جدا نالا آهن. عرب لغت نويسن جي اهڙين غلطين جي نشاندهي ’دائره معارف‘ ۾ هرڻ يا ’ايل‘ بابت درج ڪيل مضمون ۾ ڪئي وئي. ’ايل‘ يا ’هرڻ‘ بابت لکيو ويو آهي تہ ”ان جا مختلف تلفظ آهن،عرب لغت نويس ان کي ’پهاڙي ٻڪر‘ سمجهن ٿا. ’جزيرت العرب‘ ۾ هرڻ جو وجود ڪڏهن بہ نہ هو.(مصنف جو اهو بيان صحيح ناهي ڇوتہ جاهليت جي زماني جي شاعريءَ ۾ ان جو ذڪر موجود آهي.) ۽ ’ايل‘، هرڻ کي چئجي ٿو. قرون وسطيٰ ۾ حيوانات بابت اصطلاحن ۾ ڪافي غلطيون آهن.مختلف حيوانن لاءِ مختلف اصطلاح استعمال ٿيا آهن، ان ڪري مختلف مصنفن ’ايل‘ لاءِ جيڪا معلومات ڏني آهي اها گهڻو منجهيل آهي. مثلاً: ’قزوينيءَ‘ ان کي ’بقرالوحش‘ (نيل ڳئون) ڪري ڄاڻايو آهي. الجاحظ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ڪتاب الحيوان ۾ ) ’ايل‘ ۽ ’ابل‘ ٻئي لکيا آهن. انهن ٻنهي جو احوال هڪٻئي سان مشابهت رکي ٿو. ڪتاب جي غلطي به ٿي سگهي ٿي. ائين هڪ جانور جو ٻئي جانور تحت ذڪر به درج ٿي سگهي ٿو. الدميري به ان جو ذڪر ڪيو آهي.“ (دائره معارف جلد 3 ص 748 )

## 8. مختلف ٻولين ۾ جدا جدا جانورن جا ساڳيا نالا:

ڪڏهن هڪ لفظ، هڪ زبان ۾ هڪ معنيٰ ڏيندو آهي ته ٻيءَ زبان ۾ ٻي معنيٰ ڏيندو آهي. اها صورتحال ڪنهن حد تائين جانورن جي نالن سان به لاڳو ٿي آهي.جيئن ’مور‘ اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ نهايت خوبصورت ۽ مشهور پکيءَ جو نالو آهي،جڏهن ته فارسيءَ ۾ ’مور‘ (ڪيل) کي چئجي ٿو.

## 9. آوازن جي بنياد تي:

’ڪانءُ‘، ’پپيهويا‘ ’ڪوئل‘ ۽ ڪن ٻين پکين ۽ جانورن جا نالا، انهن جي آوازن پويان به رکيل نظر اچن ٿا.ڪوئل کي انگريزيءَ ۾ Kakoo۽ ڪانءَ کي Crowبه انهيءَ نسبت سان سڏيو ويو. سنسڪرت ۾ ’ڪا‘ ڪانءَ جي آواز مان نڪتو آهي. ’ڪا‘ ڪانءَ جو آواز ۽ ’گا‘ گلو يا ڳلو. يعني گلي مان نڪرندڙ ’ڪا‘ جو آواز.’ڪاگا‘ جو مطلب برو آواز به سمجهيو ويو،ڇوته پکين ۾ سڀ کان خراب ۽ ناپسنديده آواز ڪانءَ جو سمجهيو وڃي ٿو. (خالد احمد،2004: 12) ان نموني نانگ جي نالي لاءِ به چيو وڃي ٿو ته ان جو نالو به آواز جي نسبت سان وجود ۾ آيو. خالد احمد (2004ع) جو چوڻ آهي ته نانگ لاءِ لفظ ’سرپ‘ استعمال ٿيو آهي. سرپ جو لفظ نانگ جي آواز سان وجود ۾ آيو. نانگ جڏهن ڦوڪ ڏئي ٿو ته سرپ جو آواز پيدا ٿئي ٿو. انگريزي ۽ فرانسيسيءَ ۾ ’سرپينٽ‘ (Serpent) نانگ، ان نسبت سان سڏيو ويو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته نانگ کي مختلف ٻولين ۾ جيڪو به نالو ڏنو ويو ان ۾ ان جي آواز کي بنيادي حيثيت ڏني وئي. مصنف اڳتي لکي ٿو ته، ’سرپ‘، ’سانپ‘ ٿيو. ان مان ’سر‘ نڪري ويو. ’سر‘ مان مراد ’رڙهڻ‘ يا ’هلڻ‘ به آهي ’سرسراهٽ‘ ۾ نانگ جي هلڻ جو آواز آهي. سرسوتي درياهه ۾ سر دريا جو وهڻ آهي وغيره. اهڙيءَ طرح ’بش بيبي‘ Bush Babies نالي آفريڪا جي هڪ جانور تي اهو نالو ان ڪري پيو آهي جو اهو جانور اهڙو آواز ڪندو آهي ڄڻ ڪو ماڻهوءَ جو ٻار روئي رهيو هجي. ان جو مطلب



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي تہ جن پکين يا جانورن جو آواز اهڙو چٽو آهي، جيڪو انسان صوتياتي لحاظ کان پنهنجي وات سان ادا ڪرڻ جي قابل آهي تہ انهن جانورن جا نالا بہ انهن جي آواز جي نسبت سان رکيا ويا.

## 10. جانورن جا ٻاراڻا نالا:

دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ جانورن جا ٻاراڻن اچارن وارا نالا بہ رائج آهن. سنڌيءَ ۾ ٻڪري کي 'ٻتڙي'، ڪتي کي 'تتو'، 'ٻاتي ٻولي' جا ڪجھ اهڙا مثال آهن.

## 11. لاڏ ڪوڏ وارا گهريلو نالا:

عام طور گهرن ۾ رهندڙ يا پلجندڙن جانورن کي گهريلوجانور (Domistic Animal)چئجي ٿو. انهن ۾ اهي جانور بہ شامل آهن جيڪي،ماڻهو فقط پنهنجي پاڻ کي خوش رکڻ، ۽ شوق خاطر پالين ٿا، تن کي انگريزيءَ ۾ Petچئجي ٿو. هر قوم، ٻولي يا سماج ۾ ثقافتي مزاج مطابق پالتو جانورن جهڙوڪ: ڪتن،ٻلين، گهوڙن ۽ ڪن پکين تي پنهنجي پنهنجي نموني لاڏڪوڏ وارا نالا رکيا وڃن ٿا. اهڙن جانورن ۾ ٻلي ۽ ڪتو وڌيڪ مشهور آهن، جيڪي گهڻو ڪري سڄي دنيا جي گهرن ۾ موجود آهن. اهڙن نالن مطابق انهن جانورن جي الڳ سڃاڻپ لاءِ انهن جا ذاتي نالا پڻ رکيا وڃن ٿا. ڏکيءَ کي Moggy - Moggie سڏيو وڃي ٿو.سنڌيءَ ۾ اهڙن نالن جو تفصيل اڳتي ڏنو ويو آهي.

## 12. حياتياتي، سائنسي يا طبي نالا:

حياتياتي يا سائنسي علم جي روشنيءَ ۾ جانورن جا مخصوص نالا ٿين ٿا. جيڪي انهن جي حياتياتي يا سائنسي درجہ بندي کي بہ ظاهر ڪن ٿا. مثال طور: جانورن مان ڪن جا طبي نالا انهن جي عام نالن کان مختلف ٿين ٿا. اهي گهڻو ڪري طبي مقصدن ۽ بين ٻولين سان تبادلي يا لِڪ پيدا ڪرڻ لاءِ رکيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مثال طور: 'مور' کي انگريزيءَ ۾ Peacock چئجي ٿو، پر ان جو سائنسي نالو Pavo cristatus آهي. 'بگهڙ' (Wolf) جو سائنسي نالو سندس عام نالي جي برعڪس Canis lupus pallipesآهي. اهڙيءَ طرح ٻولڙي (Monkey)کي، Macaca mullata جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. علمي،ادبي،طبي ۽ سائنسي اصطلاحن وارا جانورن جا نالا گهڻو ڪري عالمن جا ناهيل هوندا آهن، جيڪي عام طور ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ ايترو مقبول نہ آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## جانورن جي نالن جي ڪثرت:

دنيا جي ڪن ٻولين ۾ جانورن جا هڪ کان وڌيڪ تعداد ۾ نالا پڻ ملن ٿا. اٺ، گهوڙي ۽ ڪتي وغيره جا گهڻا نالا ٿين ٿا. جيئن انگريزيءَ ۾ گهوڙي کي Horse کان سواءِ Cob، Colt، Filly، Foal، Steed وغيره جهڙن ٽيهن کان وڌيڪ نالن سان سڏيو ويجي ٿو، ٿيئن ئي ڪتي کي به پندرنهن کان وڌيڪ نالن سان سڏيو ويجي ٿو ۽ سوئر جي نالن جو تعداد به گهڻو آهي. ٻين ٻولين جي نسبت سان جانورن جي نالن جي تعداد ۾ گهڻائيءَ جا مثال عربي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ آهن. عربيءَ ۾ جانورن جا گهڻا نالا ان ڪري آهن جو عرب محققن هڪ ته مختلف متروڪ ٻولين جا اصطلاح گڏ ڪيا آهن. ٻيو ته عرب شاعرن استعارا به وڌيڪ استعمال ڪيا آهن. ٿيون ته عربيءَ ۾ جانورن جي عمر، جنس،اولاد پيدا ڪرڻ جي صلاحيت، وارَن، ڪنين جي رنگن،عضون جي بناوت،چپن جي جوڙجڪ جي لحاظ کان فرق کي وڌيڪ چٽو ۽ باريڪيءَ سان بيان ڪيو ويجي ٿو. ان ڪري هڪ ئي جانور جا عربيءَ ۾ ڪيترا نالا نظر اچن ٿا. لاگيزگ (1879ع) نالي هڪ محقق گهوڙي لاءِ عربيءَ ۾ 120 کان وڌيڪ ، اٺ لاءِ 160 نالا ڄاڻايا هئا. هڪ ٻئي مصنف نياز سرڪيءَ (2001ع) مطابق عربيءَ ۾ اٺ جا 255 ۽ شينهن لاءِ 350 نالا رائج هئا. عربيءَ ۾ 'العقوق' حامله ڏاچيءَ کي چئبو آهي. 'ابلق' نر اٺ کي چئبو آهي. 'بکر' جوان اٺ کي چئبو آهي. 'الحصور' اهڙيءَ ڏاچيءَ کي چئبو آهي جنهن جي پيشاب جو سوراخ سوڙهو هجي. 'الحوار' ڏاچيءَ جو ٻچو جيڪو اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ هجي عربيءَ ۾ 'ابل' ۽ 'جمل' به اٺ جا نالا آهن (الحيوان_ دائره معارف_ ص 771)

## جانورن جي نالن جي تذڪير، تانيث ،واحد ۽ جمع :

جانورن جي جنس يعني مؤنث ۽ مذڪر هجڻ واري حيثيت به جانورن جي نالن ۽ علامتن تي اثرانداز ٿيل نظر اچي ٿي. جيئن هر ٻوليءَ جي گرامر جا جنس متعلق جدا اصول آهن،انهن پٽاندر جانورن جي جنس متعلق عمومي اصولن کان سواءِ ڪي غيروياڪرڻي سبب به ذڪر جوڳا آهن. ڪن ٻولين ۾ جنس جي تذڪير تانيث نه ٿيندي آهي، جيئن بنگاليءَ ۽ آساميءَ ۾. اهڙين ٻولين ۾ مذڪر ۽ مؤنث طئي ٿيل هوندو آهي.ڪن ٻولين ۾ وري مذڪر مؤنث ۽ بي جان تي جنسون ٿين ٿيون. لسانيات جا ڪي ماهر اهڙين ٻولين تي سنسڪرت جو اثر ڄاڻائين ٿا، جيئن مرهٽي ۽ گجراتي وغيره.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهن ٻولين جي بي جان جنس ۾ اهڙن جاندارن جا نالا بہ بي جان جنس ۾ شامل هوندا آهن جن جي جنس بابت خبر نہ هجي يا اهي اجا عمر ۾ ننڍا هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ جانورن جي جنس لاءِ ٻئي قاعدا ملن ٿا. ڪن جانورن جي جنس اڳواٽ طئي ٿيل آهي جيئن اٺ جو مؤنث ڏاچي وغيره. عربيءَ ۾ تذڪير ۽ تانيث جي لحاظ کان ڪن جهنگلي جانورن جو فقط هڪ نالو آهي، پر جيڪڏهن مترادف نالن يا انهن جي مختلف قسمن کي ان مان جدا ڪيو وڃي، جن کي ڌار ڪرڻ مشڪل هجي. عقاب مؤنث،طائوس مذڪر آهي جهنگلي جانور جيڪي ولرن يا ڌڻن جي صورت ۾ رهن ٿا، انهن جا ٻہ نالا رائج آهن. هڪ اسم جمع ٻيو اسم واحد. اهي نالا ٻنهي جنسن لاءِ ڪتب اچن ٿا. (نمل = ڪيليون،نملہ = هڪ ڪيل) پر ڪنهن هڪ صورت ۾ اسم واحد لاءِ اهوئي (لاحقہ) لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيڪو تانيث لاءِ هوندو آهي، ان ڪري ان کي مؤنث سمجهڻ جو رجحان پيدا ٿئي ٿو.(حمام: گهڻا ڪبوتر، حمامہ: هڪ ڪبوتر يا هڪ ڪبوتري). ڪجهہ جانورن جي نالن جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ ماديءَ جو نالو نر کان بلڪل الڳ هوندو آهي. ’ة‘جي اضافي سان تانيث محض ثانوي حيثيت رکي ٿي. ’بغلة‘ مان مراد نر خچر بہ آهي ۽ مادي خچر بہ آهي، پر جيئن تہ انهن جانورن ۾ جيڪي ڌڻن جي صورت ۾ رهن ٿا، ماديون نرن کان وڌيڪ ٿين ٿيون، ان ڪري اسم واحد کي مادي (مؤنث) لاءِ مقرر ڪيو ويو. (مثلا: دجاجة معنيٰ مرغي خاني جو هڪ ڪڪڙُ يا ڪڪڙِ). اهڙن جهنگلي گهريلو جانورن، جن جي جنسن ۾ فرق ڪيو وڃي ٿو اسم مذڪر نوع يا قسم ۽ نر لاءِ مخصوص هوندو آهي. (الحيوان_ دائره معارف_ ص 771 ) عربيءَ ۾ اسم جا عدد ٽي بہ ٿين ٿا، ان ڪري ڪجهہ جانورن لاءِ ٽي نالا بہ رائج آهن. ڪجهہ پاليل جانورن لاءِ جيڪي بدوين جي گهڻو ويجهو رهن ٿا، چار اصطلاح ملن ٿا. هڪ نوع لاءِ هڪ فرد لاءِ (جنس جي فرق کان سوا) هڪ مادي لاءِ چوٿون نر لاءِ. (ابل = اٺ، نوع ) بعير = گلي جو هڪ اٺ يا ڏاچي. ناقہ = ڏاچي، جمل = نر اٺ. هن قسم ۾ نوع جو نالو گهڻو ڪري مذڪر نظر ايندو آهي. نحوي لحاظ کان ان کي مؤنث سمجهيو وڃي ٿو. ڪن جانورن ۾ نر ماديءَ جي لحاظ کان جنهن جنس جو تعداد وڌيڪ آهي، ان جو نالو نوع يا قسم لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيئن اٺ (ابل)، غنم (ٻڪري) وغيره ان لاءِ تہ انهن ۾ ماديون نرن کان گهڻيون ٿين ٿيون.

ڪن جانورن جي نالن وٺڻ مان اها خبر پوڻ ڏاڍي مشڪل هوندي آهي تہ اهو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نالونرلاءِ استعمال ٿي رهيو آهي يا ماديءَ لاءِ نر کهڙو آهي يا مادي کهڙي آهي، يا جنس جي خبر گهٽ پوءِ پوندي آهي. جڏهن ان جو ذڪر ڪنهن خاص اظهاري ضرورت تحت،يا نحوي بناوت طور ڪيو ويندو آهي. حيوانات جي ماهرن کان سواءِ عام طور تي ڪن جانورن خاص ڪري پکين جي تازن ڄاول ٻچن مان فوري طور اها خبر گهٽ پوندي آهي ته انهن مان نر يا مادي کهڙو آهي، ان ڪري ڪن پکين يا جانورن جا نالا يا اسم عام ٻنهي جنسن لاءِ ساڳيا هوندا آهن. مثال پکين مان جهرڪي يا جهرڪيون جنس مؤنث آهي، پر ان مراد مان مادي توڙي نر،جهرڪيون توڙي جهرڪَ ٻئي آهن. ساڳي طرح نانگ بلا جي مادي ۽ نر جي خبر نانگن جي ماهر کان سواءِ عام ماڻهوءَ کي نه هوندي آهي.“

ڪن ٻولين ۾ جانورن جا اسم عام جنس جي تفريق کان آجا ٿين ٿا. ڪن ٻولين ۾ اهي مذڪر يا مؤنث ٿين ٿا. جيئن سنڌيءَ ۾ اٺ جنس مذڪر ۽ ٻڪري جنس مؤ نث آهي. جانورن جي نالن جي جنس بابت ڪو واضح قاعدو ته نظر ڪونه ٿو اچي. البت ڪي سبب غور ڪرڻ جهڙا آهن. ڪن جانورن ۾ ماديون وڌيڪ ته ڪن ۾ نروڌيڪ ٿين ٿا. جانورن پالڻ وارا، ڪن جانورن جون ماديون ته ڪن جانورن جا نر وڌيڪ پالين ٿا. کير ۽ گوشت جي حصول لاءِ پلجندڙ جانورن ۾ نسل وڌائن لاءِ مادين جي اهميت وڌيڪ آهي. ٻڪري اسم مؤنث آهي، ڇوته ٻڪرين جي ڌڻ ۾ اڪثريت مادين جي هوندي آهي. ٻڪرين ۾ ماديون نسل وڌائڻ جو اهم ذريعو آهن. هيڪاندين سارين ٻڪرين جي زرخيزيءَ لاءِ هڪڙو نر ئي ڪافي آهي. جن جانورن جو عام نالو جنس مذڪر طور وڌيڪ مشهور آهي، ان جا به بظاهرڪي سبب ٿين ٿا. باربرداري، سواري ۽ ڪم ڪار ۾ ايندڙ جانور جهڙوڪ: اٺ،گهوڙو ۽ گڏهه وغيره گهڻو ڪري نر ٿين ٿا. ڇوته ماديون ٻچا ڄڻڻ وارن مختلف مرحلن مان گذرڻ دوران سال جو گهڻو عرصو اضافي تڪليف برداشت ڪري نه ٿيون سگهن، مري وڃن ٿيون. ان کان علاوه جانورن ۾ نر (جنس مذڪر) اڪثر موت جو شڪار ٿين ٿا. جيڪا جنس ٻولي ٿي، اها شڪارين جي وَر چڙهيو موت جو شڪار ٿيو وڃي. جيئن تترن ۾ گهڻو ڪري نر ٻولي ٿو. ٻيو ته اڪثر ڪري نرن ۾ مادين تان جهيڙا ٿين ٿا، نر هڪٻئي کي ماري ڇڏين ٿا. ڪن جانورن خصوصاً جيتن ۾ نسل پيدا ڪرڻ واريون خاص ماديون (راڻيون) ٿين ٿيون. سوين هزارين نر انهن سان لڳ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مارجي وڃن ٿا. ٿيو ته فقط نر پاليا وڃن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿا يا نرن وسيلي شڪار ڪيو وڃي ٿو. ڇوٽون ڪن جانورن ۾ ماديون ٻچن ڄڻن ڪري وڏيڪ تڪليف سبب،ٻچن ڄڻن ڪان پوءِ خود ختم ٿيو وڃن. جيئن وڇونءَ جي مادي ٻچا پيدا ڪرڻ بعد پاڻ مريو وڃي. بهرحال نالن جي جنس لاءِ اهي سبب وري بہ ناڪافي آهن، ڇوتہ اسين ڪن پاليل ۽ ويجهي مشاهدي ۾ ايندڙ ڪن جانورن جي نالن جي جنس متعلق تہ ڪونہ ڪو قاعدو ٻڌائي سگهون ٿا، پر سوين هزارين جانورن جي نالن جي جنس بابت ضروري نہ آهي تہ، اسان جا ٻڌايل قاعدا هڪجهڙا لاڳو ٿين. هونئن بہ ٻوليءَ ۾ لفظن جي اچارن، واحد جمع ۽ مذڪر مؤنث جي قاعدن، گرامر يا ٻين لساني ضابطن لاءِ مقرر ڪيل قاعدا سموري ٻوليءَ جو احاطو ڪرڻ ڪان قاصر هوندا آهن.

جاندارن يا جانورن جي تخليق بابت ديوتائي تصورن ۾ ٻہ _ جنسي (Hermaphroditic) تصور بہ هئا. جنهن مطابق هڪ ئي جانور ۾ نر توڙي مادي ٻنهي جون جنسي خاصيتون موجود سمجهيون وينديون هيون. ان بابت Androgyny جو نظريو پڻ هو، جنهن مطابق هڪ ئي فرد ۾ مذڪر (Andro) ۽ مؤنث (gyn) ٻنهي جنسن جون خاصيتون هڪ ئي وقت موجود هيون. تخليق حيوانات جي باري ۾ اهڙا عقيدا بہ هئا تہ ڪي جانور فقط ماديون يا نر هئا،يا انهن جي ڪابہ جنس ڪانہ هئي،انهن جي زرخيزيءَ جو عمل ان جنس جي جانور جي مري وڃڻ هڪ ٻئي ساڳئي نموني جي جانور طور ٿيندو هو يا انهن جو لڳ هوا يا ڪنهن روح وسيلي بہ ٿيندو هو. ٿي سگهي ٿو تہ نالن جي جنس جي تعين ۾ جانورن بابت ماڻهن جي انهن قديم ڏندڪٿائي تصورن جو بہ هٿ هجي.

## جانورن جي نالن جي تصغير يا جانورن جي ٻچن جا نالا:

ڪن ٻين ٻولين ۾ جانورن جي ٻچن جي نالن يا اسم تصغير ڪي ايترو اهم نٿو سمجهيو وڃي. جيترو عربي ۽ سنڌي ٻولين ۾ جدا جدا جانورن جي ٻچن جا جدا جدا نالا ورتا وڃن ٿا. عربيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ گهڻو ڪري سيني جانورن جي ٻچن جا نالا بہ الڳ الڳ آهن.

## (الف) جانورن جا حوالي طور ڪتب ايندڙ صفاتي نالا

جانورن جي عام نالن جهڙوڪ: اٺ، گهوڙو، گڏھ ۽ ڪتو وغيره ڪان علاوه سندن طبعي ۽ فطري خاصيتن ۽ صفتن جهڙوڪ: لڳ ڪرڻ،ڄمر ،ويمر جي نمونن،ڪير ڏيڻ،ڪائڻ پيئڻ،ڪم ڪارجي تي آڌاريل حوالي طور ڪتب ايندڙ صفتون يا صفاتي نالا بہ هيٺ ڄاڻايل نمونن جا ٿين ٿا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 1. جنسي خاصيتن جي حوالي سان

آنڙُ: صفت. خصين وارو، پيلڙ، اڻ ڪٽيل ڏڳو يا گهوڙو، آنيارو پلو.

سانهہ: چوپايو جانور (جيڪو مادين کي ڦري).

خسي: [ع] خصي = ڪٽيل جي بگڙيل صورت. اهو جانور جنهن جا خصيا ڪٽيل يا نڪتل هجن (جانور سگهو يا متارو ڪرڻ لاءِ.

ڪٽُ: آنورن نڪتل جانور، کسي (خصي).

گدو: ٻن ذاتين جو ميلاپ، گهوڙي ۽ گڏهہ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڦر، اصيل نانگ ۽ ٻي ذات بلا جي لڳ مان پيدا ٿيل نانگ جو قسم وغيره (ماڻهن ۾ جيئن ماءُ شيدياڻي ۽ پيءُ سنڌي).

## 2. لڳ جي حوالي سان

اُتوڙَ: اها ڏڳي يا مينهن جا ڳپ نہ جهلي.

ڦهرات/ڦهريات: اها ڏڳي يا مينهن جا ڦهريون دفعو ويامي ڦهرين پيٽ واري هجي.

ٻيهارَ: ٻئي پيٽ سان مادي.

ڪچ ڳپي: نئين ڏُڪي ٿيل (ڳئون، مينهن وغيره).

ڳيڻِ: جانور جي ڦَريل مادي، ڳپ واري.

لاڳوڙ: وهرجڻ جي عمر کي پهتل چوپائي.

سامر: حامل جانور، ڏڪي.

ڏُڪي: پيٽ سان، حامل.

وَهريل: لڳ جو خيال ڪندڙ.

## 3. ويم جي حوالي سان

اَمهڙو: [ا = نہ+ منهن + ڙو]اهو ٻار يا ڦر، جو ابتو ڄمي(يعني اول ٽنگون ۽ پوءِ مٿو نڪري).

آلوڙي: تازو ويايل مينهن، ڳئون، رڍ يا ٻڪري ، ڦندڀءَ جو ضد.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آلويائي: تازي ويايل مينهن، ڳئون، رڍ يا ٻڪري.

آليارو: تازو ڄاول ڦر.

جاڙو: ساڳئي ويم ۾ ڄاول ٻن ٻارن يا ڦرن مان ڪوبہ هڪڙو، ماٺهو توڙي جانور جو.

جاڙا ڦر: مال جا گڏ ڄاول ڦر.

ڦنڍي: صفت. ڦر نہ ڄڻيندڙ مادي (جانور).

چوٽر: چوٿون ويم ڪيل ڍڳي يا مينهن.

## 4. کير حوالي سان

آراتي: واري تي کير ڏيندڙ چوپائي.

آراڙو: کير ڏائڻ کان مٿي (عمر) چڙهيل ٻڪر.

آڳاٿي: مند کان اڳي ڦريل (مينهن يا ڳئون).

اوٿاڪ: اهو ڦر جنهن جو کير ڏائڻ بند ٿي ويو هجي.

بوهار: اها ڍڳي يا مينهن جنهن جا گوها ڦوهاري وانگر نڪرن.

ٻانڏڻ: ٿورو کير ڏيندڙ يا کير کٽي ويندڙ (ٻڪري يا ڳئون).

ٻاڪر: ڏينهن ۾ هڪ دفعو مِڙندڙ چوپائي.

ٻِلَ: اها ٻڪري يا ڍڳي چوٿٽي جيڪا فقط ٻہ ٿڻ ڏهائي.

ٻلڻ: ڳئون يا مينهن کي کير لاهڻ لاءِ سار ۾ هٿ يا موئو لنگهائڻ.

پڄڙڻ: چوپائي مال جي وهڪي ويل مادي، نہ سُئا نہ ڏُڪي.

ٻاڙيت: اها ڳئون يا مينهن جنهن جو ڦر مري ويو هجي يا پنهنجي ڦر هوندي سوندي بہ موئري، ٻوتي يا ڪاڏي تي کير ڏئي.

ٻاڳيون: کير ڏيڻ واريون "ٻاڳيون ٻاڻ تي پٽن سرهيون" _ گل.

ٿهار: اها ڍڳي جا ڦر ڪانسواءِ کير ڏئي.

سوئا/سوا: صفت. تازي ويايل چوپائي، مينهن، ڍڳي، رڍ يا ٻڪري، کير ڏيندڙ گهرو چوپائي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏٻڪڻ: ٿورو کير ڏيندڙ جانور.

ڏائڪ: کير پياڪ ڦر.

ڪانگھاري/ڪانگھاري: گھڻي وقت جي ويايل چوپائي، سئا، آلوڙيءَ جو ضد

ڪٽر: کير نہ ڏھائيندڙ چوپائي، ڦر نہ ڪٽي کير نہ لاهي، ٿاھڙ، ويجھو نہ اچڻ ڏيندڙ جانور.

ڪُمهري: وقت سر کير نہ ڏيندڙ .

مرليٽ: هڪ ڦر تان هٽائي ٻئي ڦر تي ميڙيل چوپائي (مينهن يا ڍڳي وغيره).

وِهڪوڙ: کير نہ ڏيندڙ، گھٽ کير ڏيندڙ.

نلي: گھٽ کير ڏيندڙ.

چوڪڙ: ٿورو کير ڏيندڙ چوپائي.

چاٽار: گھڻي کير واري ڍڳي يا مينهن جنهن منجهان سخت گوها نڪرڻ.

نوراپو: ريڍارن جي اصطلاح ۾ ماءُ جوکير ڏائيندڙ ننڍو ڦر.

لوڙُ: ماءُ کان سواءِ ٻين ٻڪرين کي بہ ڏائيندڙ ڦر.

ستي: صفت. ڦر کي ويجھو نہ ويندڙ مادي، پاڪدامن عورت.

سرڳ: پنهنجي ڦرکي ڏارائي ڇڏيندڙ چوپائي.

## 5. ڪائڻ، پيئڻ ۽ چرڻ جي حوالي سان نالا

چرَڪ: اهو جانور جو چرڻ لائق ٿئي يا چرڻ شروع ڪري.

چوچِرُ: اهو جانور جو جھنگ ۾ چرڻ نہ وڃي، پر آس پاس مان چڪ وات ڪري ھر ھر گھر موٽي اچي.

ڏوراڇو: اهو چوپايو مال جنهن کي گاھ پاڻي گھٽ ملندو هجي، ڏٻرو.

گورَ: اهو چوپايو جانور جو هميشہ چڙواڳ رهي ۽ ڏکيو ليپي، آزاديءَ سان چرندو وتي

ڏچرُ: (سن. درچر در = گھٽ + چر =ڪائڻ) ٿور ڪائڪ، ضد سچر.

### 6. ڪم، ڪارج، پنڌ يا هلڻ جي لحاظ سان

آندرو/اندريون: (ڏڳو) هر يا گاڏيءَ ۾ ڪاهي پاسي جوتيل ڏڳو.

آراٽي: نار يا هرلي ۾ وهيل (ڏڳو).

اڳيون/اڳين: مال جي قطار ۾ اڳيان هلندڙ جانور نر يا مادي.

بارگير: بار ڍوئيندڙ وهٽ، (اٺ).

پوني: جانور جو بار کڻڻ تي هيرايل هجي.

پرڪٽو: پوئتي هٽندڙ (جانور) ڍڇٽو.

پروت: سواريءَ جو وهٽ.

ٽونرُ: ٽونا هٽندڙ.

ڦنجهو: ٽنگن ڦريل جانور يا ماڻهو، جنهن جون ٽنگون هلڻ ۾ وچڙنديون هجن.

ڪرڪاڻ: سواريءَ جا وهٽ، جهڙوڪ اٺ يا گڏهه وغيره.

جوڳ: نار يا هرلي ۾ وهندڙ جانور.

جوڙو: ڏڳن جو جوڙو، هر ۾ ٻه ڏڳا وهن.

جهوڪڙ: صفت. اهو جانور جنهن کي لڏ سوڏو ويهي رهڻ جي عادت هجي.

چڙهڪُ: چڙهيءَ لائق.

چوپير/چوپيرو: چئن پيرن سان هلندڙ، تکو، تيز.

لوسي: گهر گهر ۾ لوهون ڏيندڙ، ناسون هٽندڙ جانور (گهٽو ڪري ڪتو).

هاڙهيالو: پوکن ۾ زوريءَ ٽپي پوندڙ جانور، پوک پيليندڙ جانور.

وهٽُ: [سن. وهه = ڍوئڻ] چوپايو مال، سواريءَ جي ڪتب ايندڙ جانور.

وهو: بار ڍوئيندڙ يا ڪم ڪندڙ جانور.

(نوٽ: ماڻهوءَ جي خيال مطابق جيئن ته جانورن کي ٻن ڪان وڌيڪ پير آهن، ان ڪري هو هرحالت ۾ تکو هلي سگهڻ جي قابل هوندو، پر حقيقت ۾ ڪي جانور ته اهڙا به هئا جن کي سؤ بلڪ ڪن لاءِ ته چون ٿا انهن کي هزار پير به هئا، پوءِ به هلڻ ۾ جڏا هئا. جيئن سؤ پيري وغيره. حالانڪ سهو جنهن لاءِ سمجهيو ٿو وڃي ته ان کي ٿي ٽنگون آهن، سو وري ڀڄڻ ۾ تيز آهي.)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 7. عمر جي حساب سان جانورن جا صفاتي نالا:

جانورن جي عمر جي ڪٽ جي حساب سان ٻه انهن جا حوالي طور ڪتب ايندڙ نالا ٿين . عمر جي اها ڪٽ ،سالن، چمندڙ ڏندن، نندپڻ،جواني ۽ پوڙهائپ جي حساب سان ٻه ٿئي. سنڌيءَ ۾ جانورن جي عمر کي ظاهر ڪندڙ صفاتي نالا هيٺين نمونن جا آهن:

### عرصي جي حوالي سان

كيرو: پهرين سال جو ڦر، مادي پلي جو قسم.

وهڙو:ننڍي عمر جو ڏاند، گابو ( وهڙي وهڙيون).

ٻهاڻُ: ٻن سالن عمر جو نر (ڪودڙو، وڇيرو، گونرو، مرون وغيره) (ڪرهو ٻور ٻهاڻ،ڏٽيءَ ڏٽي هٽ ڪيو _ شاهه).

چوسالو: چئن سالن جي عمر وارو گهوڙو، وهٽ، هر سال هڪ ڏند ڦٽڻ ڪري ان کي چار ڏند ٿين. ان حساب سان چوسالو سڏجي.

پانجاريل: پنجن سالن جي عمر جو (اٺ، گهوڙو، ڍڳو).

دوڪ: پنجن سالن جي عمر جو اٺ،ٽن سالن جو گهوڙو.

مڙيل: ڇهن سالن جي عمر وارو ڦر.

### ڏندن جي حوالي سان

کيري: ٻن سالن جي مينهن يا ڍڳي، جنهن ڏند نه ڪڍيا هجن.

ٻڏندو: ٻن ڏندن وارو وهٽ.

ٻڙند/ٻڙاندو: ٻن ڏندن وارو.

ٻگو: ٻه ڏندو (اٺ يا گابو).

دؤڪ: ڪنهن وهٽ جي ٻن ڏندن نڪرڻ واري چمار.

چوڏندو: چئن سالن جي عمر وارو(چوپايو).

ڇڳو: ڇهه ڏندوجانور،ڇهن سالن جي چمار جو (وهٽ).

ڇهه ڏندو: ڇهن ڏندن وارو جانور،ڇهن سالن جي عمر جو چوپايو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ڪراڙپ جي حوالي سان

ڍنيڻ: وڏو جانور پوڙهو جانور، ڍانيو.

جروٽ: پوڙهي ڳئون، مينهن وغيره.

ڍانيا: سڪل ڪل يا چم، پوڙها ڍڳا، وڏي قد وارا گهوڙا، هڏن جا پڃرا.

ڪارين: صفا ڪراڙو گهوڙو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 8. رنگن ۽ ٻين بدني وصفن جي حوالي سان

برو: گهٽو، هرڻ جو ٻچو، چٽڪمرو ٻڪر.

ٻُبر: ببن وارو.

ٻولاهو: اهو چوپايو جنهن جي منهن تي اڇو نشان هجي.

ٻولا هي: منهن تي اڇي ٽڪي واري ڍڳي، ٻڪريءَ جو قسم.

ٻولهُ: جنهن چوپائي جانور جي منهن تي اڇاڻ هجي.

ٽلَ: ٽن ٽٽن واري، مينهن يا ڍڳي.

چٽڪمرو: اڇن ڪارن چٽن وارو.

ڳاڙهي: ڳاڙهي رنگ جي ڪا به مادي چوپائي.

موڏو: بنا سڱن وارو جانور.

هنجر پيرو: اٺ جي پير وانگر لسو ۽ تراڪڙي سنب وارو.

گهنجَ: هيٺ لڙيل سڱن سان مينهن يا ڏاند جوقسم ( ڍڳو گهنج، مينهن پل).

متارو: چربيءَ وارو چوپايو مال.

چٽر: اهو جانور، گهوڙو، گڏهه وغيره بار ڪٽڻ ڪري ان جي پٺيءَ جي ڪنڌي يا ڍاڪن تي ڦٽ ٿيل هجن.

ڇڳير: ڇڳي وارو، ڪلنگيدار.

## 9. مارڻ، ڪهڻ، حلال ۽ قربان ڪرڻ جي حوالي سان

بدنو: حج جي موقعي تي قربانيءَ ڪرڻ لاءِ جانور.

گانرو: مرڻ کان اڳ سير نہ پيل حلال جانور.

ڪوسڙ: ڪهڻ جهڙو، حلال ڪرڻ جهڙو جانور.

ذبيح: شرعي طور حلال ڪيل جانور.

نخچيرُ: شڪار ٿيل جانور.

ڊوندي: مئل جانور، ڪن ، ڪچرو.

انگيل: ڪٺل يا ذبح ڪيل،جانور جي ڪل لاهي ٽڪرا ٽڪرا يا ٻيرا ٻوٽيون ڪيل گوشت.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 10. جانورن جي ٻچن جا نالا

ال ڪانءُ: ڪانءَ جو ٻچو.

ٻٽَ: سوئر جو ڪيرپياڪ ٻچو،ڪنهن بہ جانور جو ڪير ڏائڪ ٻچو (ٻٽ اباٽي پار جو،چري نہ ڏارو _ گرهوڙي).

ٻَنِر: هرڻ جو ٻچو.

ٻچو: [ف.بچہ،پرا.بچ] ڪنهن بہ جاندار جو ٻچو.

ٻچاٽ: ننڍو ٻچو.

ٻَلرَ: ڪنهن جهنگلي جانور جو ٻچو.

ٻلهڙو:گدڙ يا بگهڙ جو ٻچو.

ٻلهر: سوئر جو ٻچو.

ٻيندڪي/ٻيڏڪي: ننڍڙو ڏيڏي يا ڏيڏري.

پونگڙو: ڪتي يا ٻليءَ جو ٻچو.

پاڏو: ماهي مال جو نر ٻچو.

توڏو: اٺ جو ننڍو ٻچو، گونرو، هڪ سال جي عمر وارو اٺ.

ٽپرُ:بگهڙ، گدڙ،شينهن جو ننڍڙو ٻچو،ٻار ٻچو.

ٽاٻرُ: چوپائي مال جو ننڍو ڦر.

ٽاڳَ: چوپاين ججها ڦر،ماڻهن جا گهٽا ٻار.

ٽينبڙو: پونگڙو، ننڍڙو ٻچو.

ڦرُ: اولاد، چوپائي مال جو ڦر.

ڦر ٽڪر: چوپائي مال جا ننڍا ڦر.

ڦر: ٻچا، چوپائي مال جو ڦر.

ڦرڪرا: وڏا ڦر (ٻڪرين جا )جي چرڻ جهڙا ٿيا هجن پر اڃا ڏڻ سان نہ پهرائجن،

ڦرنو/ڦرنڊ: رڇ جو ٻچو.

گابو: ڍڳئونءَ جو نر ڦر.

گابي: ڍڳئونءَ جو مادي ڦر.

گوراڙ: ٻڪريءَ جو ننڍو ڦر.

گيسات: ڦاڙهي جو ننڍو ٻچو.

گلر/گليو: ڪتي جو ننڍو ٻچو.

گونرو: اٺ جو ٻچو.

کودو: گڏهہ جو نر ڦر.

چوزو: ڪڪڙ جو ٻچو.

لاڙُ: ننڍو کير پياڪ ڦر.

لور ڦر: ننڍڙو ڦر.

ونچ: مينهن جو مادي ڦر.

ونچيرو: گهوڙي جو ننڍو ڦر.

غزالي: (عربي) هرڻ جو ٻچو.

ڪڙهو: شينهن جو ٻچو.

ڪنڊُ: مورنءَ جو ٻچو.

ڪٽيلو: اٺ جو ننڍو ڦر.

ڪلهو: ڪنهن بہ نر جانور جو ٻچو، ٻي سمجهہ ٻار.

چيلو: ٻڪريءَ جو نر ڦر.

چيلي: ٻڪريءَ جو مادي ڦر.

هرنو: هاٿيءَ جو ٻچو.

ان کان سواءِ اسم تصغير ڪرڻ لاءِ نالي جي پڇاڙيءَ ۾ 'ڙو' ۽ 'ڙي' لڳائي به جانورن جي ٻچن کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. جيئن ڪتي جو 'گلر' ڪتڙو، ڪتڙي وغيره.

### 11. جانورن جي گهڻائيءَ جا نالا (اسم جمع)

ڊل: [هه] دل = لشڪر ماڻهن يا ساهوارن جي وڏي ٽولي.

گهِل: ڪتن يا ٻارن جو انبوهه.

گهَل: گهوڙيسوار ڌاڙيلن جي گهل.

ساڱو: اٺن ۽ گڏهن جي قطار.

ڪڏڻ: خراب ڏڻ (گڏهن جو).

گورم: وهٽن جو ڌڻ، مال جي چانگ، ڍڳي جي گوهر، اٺن جو گلو، ولر (ان جا گورم گگرويڙ تي ٽا داٻيجي دَوَ ڪن).

چرَ: پکين، مڪڙن يا ٻڪرين جو وڏو تعداد.

لوڌ: ڪتن جو ولر.

ڪتهڙ: گهڻا ڪتا.

ڪرهوڙ: اٺ جي ننڍين ڦرن جو انبوهه.

وڳ: اٺن جو گلو، گهڻا اٺ.

گڏهوڙ: گهڻا گڏهه.

وگهوڙَ: گڏهن ۽ گهوڙن جا ڌڻ، جانورن جو گڏ وچڙ مجموعو.

گهل/گهليون: لڙائيءَ جي گهوڙن جون گهليون، ڌاڙيلن يا ڦورن جا ٽولا، هتي معنيٰ ٿيندي ڌاڙيل.

گهوڙا گلا: گهوڙن جا ڌڻ.

ٻقر: [ع] ڍڳن ۽ ڍڳين جو ڌڻ.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تڏو: ڳوٺ جو مال، ڳئن جو وڏو ولر.

ڌڻ: چوپائي مال جو ولر.

ڊاڳَ: ڍڳن جو ولر.

گوڪل: (سن) ڍڳين جوڌڻ،هڪ ڳوٺ جو نالو (جتي ڪرشن مهراج ڄائو ۽ نپنو)

گهرَ: ڳائي مال جي ڇانگ.

ميهاڳ: مينهن جو جو ڌڻ.

لار: مال جا ڦر،وڇون پاڏا وغيره.

وڳ/وڳ : مال جو ٽولو.

ڇانگ/ڇانگون: (سن ڇاگل =ڇيلو) ٻڪرين جو ڌڻ،ولر، گلو،لشڪر،ڪٽڪ.

ڇيلاٽ: ڇيلا ، ٻڪريون.

ڪرڳل: ولر،وڳر،ڌڻ.

ڪيراڳ: ٻڪرين جو گهٽو ميڙ يا ڌڻ، ٻڪرين جو ولر.

ڪانگيرو: گهٽا ڪانوَ.

ڦيارون: سنهين مڇين،ننڍين مڇين جو ولر.

اوڙ: قطار،پکين جو ٽولو.

پکين جي ٽلي: چار عدد.

پکراڙ: گهٽا پکي.

جهار: سنگ ڪائيندڙ پکي،جهار.

واگهڙ: تترن جو ولر.

وڳر: ميڙ، گڏ گڏاريندڙ پکين (ڪونجن) جا ولر.

ولر: اڏامندڙ پکين جو ولر.

دلُ: بي شمار،جيتن جو ميڙ،ساهوارن جو انبوهہ.

ڏمري: ميڙ، مڪڙن جو ڏمريون.

ڀينيا: مکين جا ميڙ.

گهٽو: جونءِ جو ٽولو.

جهنڊ: جيت جو قسم، مڇرن جو ولر.

ماڪڙ: مڪڙن جو ولر.

مڪراڙ/مڪوراڙ: مکين جو ميڙ.

مڇاڻ: گهٽيون مڇيون.

کهو: مڪڙن جا ٻچا.

ڪدرڪون: پتنگ، ماڪوڙيون يا ٻين سنهن جيتن جون ڪدرڪون، گهڻو تعداد

پلر: (سن. پلو) نانگن جو هجوم

پسون: عام جانور

عربي، فارسي ۽ انگريزي سوين سالن تائين سنڌ ۾ رائج رهيون آهن، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ جانورن سان لاڳاپيل لفظن ۽ علامتن تي ڪن ٻين ٻولين جا اثر به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئن گهوڙي لاءِ 'دلدل' جو لفظ ۽ ڪتي لاءِ 'سگ' جو نالو وغيره. ٻين ٻولين جي ڪري جانورن جي نالن بابت ڪن مونجهارن جو وڏيڪ ذڪر ڪرڻ کان اڳ علي محمد راشديءَ پاران بيان ڪيل هي لطيفي نما دلچسپ مثال هتي نقل ڪرڻ جهڙو آهي. "هڪ ڀيري اليڪشن ۾ ولي محمد شاهه، ان وقت قلندر جي گاديءَ جي گادي نشين، ۽ جناب جي.ايم سيد هڪ ئي ٽڪ تي اليڪشن ۾ بيٺا.جي ايم سيد ان کي پنهنجي حمايت ۾ هٿ ڪٽائڻ لاءِ هڪ وفد وٺي وٽس پهتو. ان وفد ۾ ڪوهستان جو هڪ ملڪ جيڪو جي. ايم. سيد جي پاسي هو، تنهن ولي محمد شاهه کي چيو: "جي. ايم سيد انگريزي ڄاڻي ٿو ۽ ڪائونسل جي ڪارروائي به انگريزيءَ ۾ هلي ٿي، تنهن ڪري ڪيس چونڊي موڪلڻ ئي بهتر ٿيندو. سائين ڪاوڙجي پيو. فرمايائين: "اوهين چئو ٿا ته جي. ايم سيد انگريزي ڄاڻي ٿو، ڀلا هينئر ٻڌائي ته انگريزيءَ ۾ ڦوسيءَ کي ڇا چئبو آهي!"

جي. ايم سيد کي بد بخت ڦوسيءَ جي انگريزي ڪانه آئي ۽ سائين ولي محمد شاهه وفد جي التجا کي رد ڪري، پر سيني ماني ڪارائي، موٽائي ڇڏيو." ( علي محمد راشدي، 1980: 5 ،جلد2)

سنڌيءَ ۾ جانورن جي نالن جي معنيٰ بيان ڪندي لغتدانن کان ڪافي

غلطيون ٿيل نظر اچن ٿيون. اهڙيون غلطيون رڳو سنڌيءَ ۾ ئي نہ، پر سنڌيءَ سان لاڳاپيل ٻين ٻولين جهڙوڪ: اردو، فارسي ۽ عربيءَ جي لغت نويسن کان بہ ٿيون آهن. ان جو مثال ”نقوش سليماني“ ڪتاب جي مصنف جي هن بيان مان ملي ٿو: ”اسان جي ٻوليءَ ۾ قمري هڪ خوشنما پکيءَ جو نالو آهي، جيڪو عربي فارسيءَ مان آيو آهي، پر ان جي اصليت بيان ڪرڻ کان اهي ٻئي ٻوليون قاصر آهن. فارسيءَ جي لغتن ۾ اهو لفظ موجود ئي ڪونهي. عربي آميز فارسي لفظن جي پراڻي لغت ۾ اهو لفظ ملي ٿو. تاج نالي ڪنهن لغت ۾ لکيل آهي تہ قمري فاختہ يعني ڳيري کي چئجي ٿو. وري ان سان اختلاف ڪيو ويو تہ فاختہ جهرڪي آهي ۽ ان جو رنگ خاڪي ٿئي ٿو ۽ ان جو آواز ’يڪي تو‘ يا ’ڪو ڪو‘ آهي، ڳلي ۾ طوق ٿئيس ٿو...... اسان لغت دانن کي ڇڏي جڏهن جاگرافي نويسن جي مسافر خانن ۾ اچون ٿا تہ ياقوت روي نجم البلدان ۾ لکي ٿو تہ قمر نالي هڪ مصري شهر آهي ۽ ابن فارس کان نقل ڪري ٿو تہ قمري پکي ان شهر سان منسوب آهي.“ (علامہ سيد سليمان ندوي، 1939ع:304)

سنڌيءَ ۾ ڪن جانورن لاءِ هڪ کان وڌيڪ نالا رائج هجڻ ڪري انهن کي جدا جدا جانور سمجهيو ويو. ساڳئي جانور جو نالو ٻي ٻوليءَ ۾ هجڻ ڪري ان کي جدا جانور سمجهيو ويو. ساڳئي جنس جي جانورن جي الڳ نمونن کي بہ مختلف نالن جي ڪري جدا جانور سمجهيو ويو.عام ڳالهائيندڙن کان وٺي ڪن لغتدانن تائين اهڙيون غلطيون عام ڏسڻ اچن ٿيون. غراب عربيءَ ۾ ڪانوَ جو نالو هو، پر ڪن لغتدانن ان کي ڪو ٻيو پکي يا ڪانوَ جو الڳ قسم ڪري پيش ڪيو. ماڻهن جهنگلي گڏهہ ۽ گورخرکي بہ الڳ الڳ جانور ڪري سمجهيو، جڏهن تہ گورخر ۽ جهنگلي گڏهہ ساڳيو جانور هو.

لغتدانن جانورن جي نالن جا ذاتو بيان ڪندي، ماڻهن طرفان انهن جانورن سان منسوب صفتون ۽ خاصيتون (ڪنهن حد تائين علامتون ۽ اهڃاڻ ) بہ معناعن ۾ شمار ڪري ڇڏيون آهن. حقيقت ۾ جانورن جي نالن جون معناعون يا ذاتو بيان ڪرڻ جو اهو طريقو لسانياتي اصولن جي خلاف آهي. ڇوتہ ضروري ناهي تہ جيڪي صفتون هڪ سماج ۾ ڪنهن جانور سان منسوب ڪيون ٿيون وڃن، انهن سان ٻيا ماڻهو بہ اتفاق ڪندا هجن. ٻيو تہ صفتون ماڻهو پنهنجن سماجي تجربن جي آڌار تي جوڙين ٿا، ڪن بہ ٻن معاشرن ۾ انهن تي اختلاف ٿي سگهي ٿو. مثال طور هڪ لغت ۾ گدڙ لفظ يا نالي جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏاتو يا معنيٰ هن طرح لکي وئي آهي. گدڙ: [سن. گرڏر] جهنگلي سياڻي ۽ لچي جانور جو قسم. هڪ قسم جو جهنگلي جانور تہ ٺيڪ آهي، پر گدڙ کي سياڻو ۽ لچو جانور ڪوٺڻ، ان جي معنيٰ ڪهڙي طرح ٿي. لغتن ۾ جانورن جي نالن ۽ ڪن ٻين معاملن کي سمجهائڻ ۾ اهڙيون بي شمار غلطيون نظر اچن ٿيون. لغتن جا اهڙا مونجهارا جانورن بابت سماجي لسانياتي لغتون جوڙڻ سان ئي ختم ٿي سگهن ٿا، يا لغتن ۾ اصل معناعن سان گڏ جانورن جي نالن جون سماجي ۽ لسانياتي معناعون الڳ زمري طور درج ڪري سگهجن ٿيون. مثال طور: گدڙ نالو آهي هڪ جهنگلي جانور جو. سماجي لسانياتي حوالي سان ان جي معنيٰ هن نموني ڄاڻائي سگهجي ٿي. گدڙ: (سن. گرڏر) مشهور جهنگلي جانور.(اهڃاڻي معنيٰ:جهنگلي سياڻي ۽ لچي جانور جو قسم، بزدل، گيدي، بي همٿ وغيره. ان نالي سان ٺٽي ۾ رهندڙ ميمڻن جو پاڙو بہ آهي.)

سنڌيءَ ۾ ڪن جانورن لاءِ هڪ کان وڌيڪ نالا پڻ رائج آهن. اها ڳالهہ سنڌيءَ تي ٻين ٻولين جي اثر کي بہ ظاهر ڪري ٿي تہ ساڳئي وقت سنڌ جي مختلف حصن سان واسطو رکندڙ لهجن جو بہ ان تي اثر نظر اچي ٿو. سنڌي لوڪ شاعريءَ جي مشهور صنف ڏهس ۾ ان جا ڪافي مثال ملن ٿا. اهڙي صورتحال جي باري ۾ رچرڊ برٽن پڻ لکيو آهي تہ: ”اٿ لاءِ اڪثر ڏهہ ٻارنهن لفظ آهن،جن مان ڪي هم معنيٰ هوندا،مگر گهڻن جي معنيٰ ۾ باريڪ تفاوت هوندو آهي.خيالن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏکيا لفظ عربي، سنسڪرت ۽ فارسيءَ مان بنان ڪنهن حجاب جي ورتا ويندا آهن، جنهن ڪري سنڌيءَ کي تمام وسيع لغت آهي.“ (71: 1995) جانورن جي هڪ کان وڌيڪ نالن جا ڪجهہ مثال هي آهن.

## 12. هڪ کان وڌيڪ نالا

اٺ،ڏڏو ۽ ٻيا نالا.

بگهڙ کي ناهر بہ چون.

پولڙو ۽ باندر.

چراخ کي هاتار بہ چون.

ڄاهي کي ٻيباهو بہ سڏين.

نوريئڙو،مشونگڙو، ڳالهڙ،ڪلڪڙي،۽ گلوري نوريئڙي جا نالا آهن.

جون، ٻئي ۽ ٽيڪڙ.

ڪڙڪپيتو (رات جو چمڪا ڏيندڙ اڏامندڙ جيت) ڪڙڪٽ، ڪرهه ٽنبڙي، ٽانڊاٽو، چاسينگر ۽ جگنو ساڳيو آهي .

ساندي ءَ ڪي چچي بہ چون.

شينهن گجمير، اسد، شير وغيره.

شڪرو، باز ۽ فيليڪون ساڳي ڳالهہ آهي .

ڪانوَ ڪي ٻوڏو، ڪانگ ۽ ڪنياتو بہ سڏين.

ڪاٺ ڪٽو، سؤ ترا ريو ساڳئي پکيءَ جا نالا آهن.

ڪيل ڪي ماڪوڙي ۽ چيڙ بہ چون.

گانگٽ ۽ جهينگو ساڳي ڳالهہ آهي.

ڳجهہ ڪي پيربُ بہ چون.

ڪٽياٽيءَ ڪي ڏوٻي چڙي بہ چون.

گهوڙو ۽ پيڪارهہ ساڳي ڳالهہ آهي. ”پانهہ پيڪارهہ تي ٽيو سيد سوارا“ _ (فقير محمد ماڇي)

ٻاهي ڪي ٻيٻاهو بہ چون.

سوئر، مرون ۽ خنزير ساڳيو جانور آهي.

## 13. علائقائي يا لهجي وار نالا

ٻاهي ڪي ٽري سيهڙو بہ سڏين.

ماڪوڙيءَ ڪي ٿر ۾ ڪيڙي سڏين.

ٿر ۾ مينهن وساڙي ڪي مينهن ماما چون.

ٿر ۾ ڪوئي ڪي اونڌر بہ چون.

پولڙو باندر ۽ وانر ڪوهستاني لهجي مطابق آهن.

لومڙ ڪي ڪوهستان ۾ روبهہ سڏين.

### 14. نالن جي صورتخطي ۽ اچار جو فرق:

محاوري، لهجي يا چوڻ جي انداز سان ڪن جانورن يا جيتن جي نالن جا اچار ۽ لکڻ جا مختلف نمونا پڻ رائج آهن. جيئن ڪوِل/ڪيل/ڪيلي/ڪئلي/ڪيولي، اڏوهي/ اڏيهي، ڪانءُ/ڪانو وغيره. ساڳئي اثر هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ ڪن جانورن جا هڪ کان وڌيڪ نالا پڻ رائج آهن. جيئن مڇي ۽ مهو وغيره.

### 15. نالن جي بناوت:

گرامر جي لحاظ سان اسم يا نالن جا گهڻا ئي قسم ٿين ٿا. مثال طور بناوت جي حساب سان مفرد يا مرڪب وغيره. تمام ٿورن نالن کان سواءِ سنڌيءَ ۾ جانورن جا نالا گهڻو ڪري مفرد آهن. جيئن ڏيگو، اٺ ۽ ڪانءُ وغيره. سنڌيءَ ۾ جانورن جا مرڪب نالا گهڻو ڪري ٻين ٻولين مان سڌيءَ ريت يا ترجمي جي صورت ۾ آيل آهن. ٻيا مرڪب نالا، صفاتي نالا آهن. جيئن آدم خور، اڏامر گهوڙو، گورخر، ڳورپٽ، جل پري، شتر مرغ مان اٺ پکي، ۽ ڪي ٻيا فارسيءَ مان آيل آهن. ٻي مرڪب بناوت وارا نالا جهڙوڪ: ڪاٺ ڪٽو، اڪ مڪڙ به وغيره صفاتي نالا آهن.

### 16. صوتي يا آوازي نالا (Sound Names):

ڪن جانورن ۽ پکين جا نالا آوازن جي بنياد تي پڻ وجود ۾ آيل ٿا ڏسجن. مثال طور:

ڪان ڪان (ڪانءُ)

ٽيون ٽيون (چه _ تون)

چر چر (چپ _ رو)

گهو گهو (گهگهه)

جهرجهر (جهرڪي)

تتر (ت ٿ ر) تتر جي پرن جي آواز تي ٺهيو آهي.

ڏر جي آواز تي ڏيڏر.

ٻي ٻي، ٻ..ڪري (ٻڪري) وغيره.

### 17. تصوراتي نالا (Imagination Names):

هن ۾ جملي خيالي جانورن کان سواءِ ڪن حقيقي جانورن جا نالا به شامل آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’اڏام گهوڙو‘ ، ’جل پري‘، ’جن‘ ، ’ڀوت‘ ۽ ٻين خيالي جانورن جا نالا تصوراتي آهن. ٻيا حقيقي جانور ۽ پکي، جن جا فقط نالا تصوراتي آهن تن ۾ ’لاڪي ڄاجي‘ (هڪڙي قسم جا پکي، جن متعلق اهو تصور ڪيو ٿو وڃي تہ اهي لاڪي ڄام جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا) ان ڪان سواءِ ’ڏهيسر‘ (هڪ قسم جو لقب) ’ست سسيو‘ (مرونءَ لاءِ چون) ’الله جو گابڙو‘ (ننيڙو ڪارو جيت) ’امامن جو چور‘ (هڪ قسم جو سانڊو جيڪو وڻن تي رهي) ’بي بي آمنہ جو گهوڙو‘ (سائي رنگ جي مڪڙ جو قسم) ’بادشاهہ پير جي سواري‘ (گهوڙو) جانورن ۽ جيتن جا تصوراتي نمونن جا نالا آهن، جيڪي انهن بابت قائم ڪيل ڪن تصورن جي بنياد تي رکيا ويا آهن.

## 18. نظرياتي/مشاهداتي نالا( Visual Names):

اوائلي زماني ۾ عام ماڻهن کي جانور جيئن نظر آيا يا جانورن جون جيڪي طبعي خاصيتون سندن مشاهدي ۾ آيون،انهن مطابق انهن جانورن جا نالا مقرر ڪيائون. جيئن ڊگهي چهنب وارو پکي، جيڪوڪاڏي جي تلاش ۾ وڻن جي ڇوڏن ۽ ٿڙن کي ڪوٽي ٿو،تنهن کي ’ڪاٺ _ ڪٽو‘ سڏيو وڃي ٿو. مينهن جي مند ۾ ’مينهن وساڙو‘ ظاهر ٿئي ٿو، ان ڪري اهڙو نالو پيل اٿس. ’پتنگ‘: (سن. پتن: ڪرڻ + گم : هل) جو ڪرندو وڃي. اهڙيءَ ريت ’پنيوري‘: [سن .پرم: ڦرڻ] طبعي خاصيتن جي بنياد تي رکيل عام مشاهداتي نالا آهن. گهريتڙيءَ جو نالوڪاريگريءَ واري ڪمال سان پنهنجو گهر ٺاهڻ واري خوبيءَ جي پٺيان رکيل آهي. ڪوريئڙي جو نالو ڪوريءَ وانگر اڻڻ واري هنرمنديءَ سان پنهنجي ڄار اڻڻ ڪري پيل آهي.

## 19. تجرباتي نالا (Experience Names):

جانورن جا اهڙا نالا جيڪي جانورن جي فطري سرگرمين،ڪمن ڪارين يا انسانن سان واهپي جي ڪري جڙيا، انهن کي تجرباتي نالا سڏي سگهجي ٿو. هنن نالن ۾ گهڻو ڪري گهريلو جانورن جا مختلف صفتن ۽ خاصيتن جهڙوڪ چارڻ، پيارڻ، ڏهڻ،واڙڻ،سواري ۽ باربرداري وغيره جي تجربن جي روشنيءَ ۾ رکيل نالا بہ شامل ڪري سگهجن ٿا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## 20. صفاتي نالا:

هنن نالن ۾ اهڙا سڀ نالا اچي وڃن ٿا، جيڪي جانورن جي قسمن،جسماني وصفن،رنگن يا مڪاني نسبتن جي حساب سان رکيل آهن. جيئن ’آدم خور‘ (جيڪو ماڻهوءَ کي کائي) ڪي نالا جسماني انگن يا بناوت موجب بہ رکيل نظر اچن ٿا. جيئن ’سؤ پيري‘ (جيت جو قسم) جنهن کي گهڻيون ٽنگون ٿين ٿيون ان ڪري اهڙو نالو پيو اٿس.

’ٽٽيءَ ٽوڙ‘، ’ٻہ_ منهين‘، ’لنڊي بلا‘، ’ٽہ_ ٽنگو‘ وغيره اهڙن صفاتي نالن ۾ شامل آهن. صفاتي نالن ۾ جملي گهريلو جانورن جا مختلف صفتن جي جي آڌار تي رکيل نالا بہ اچي وڃن ٿا، جن جو تفصيل مٿي ڏنو ويو آهي.

## حوالا


1. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر،( 1978ع)،سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڇاپو ٻهريون،انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو.
2. آڏواڻي ڀيرومل مهرچند،(1980ع)،قديم سنڌ،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
3. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر،(1981ع)،جامع سنڌي لغات، (جلد 1 کان 5) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
4. محمد هادي حسين،(1984ع)، زبان اور شاعري،مجلس ترقي ادب لاهور.
5. صديقي خليل، زبان ڪيا هي،بيڪن بڪس ، گلگشت،ملتان.
6. خالد احمد،( 2004ع)،لفظون ڪي ڪهاني لفظون ڪي زباني،مشعل بڪس لاهور.
7. رچرڊ برٽن/ محمد حنيف صديقي،( 1995ع)، سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون، ڇاپو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
8. سيد علامہ سليمان ندوي،(1967ع) نقوش سليماني،سندھ اردو اڪيڈمي ڪراچي.
9. سيد علي عباس جلال پوري،( 2000ع)،خرد نامہ جلال پوري،تخليقات لاهور.
10. شرف الدين اصلاحي، ڊاڪٽر(1987ع)،اردو اور سندهي ڪي لساني روابط، طبع اول مقتدره قومي زبان_ اسلام آباد.
11. مولانا محمد حسين آزاد،(1990ع)، سخندان فارس، طبع اول، مجلس ترقي ادب لاهور.
12. دائره معارف ، جلد سوم،(1973ع)، طبع اول،دانش گاھ پنجاب لاهور.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair